ॐ

# سچي سُورمتا

سڀاپتي صاحب، پريہ ستگورو ۽ سجڻ پرشو!

مانُکہ جنم ڏرلڀ آهي. هن لوڪ جي سکہ ڀائڻ لاءِ ۽ پرلوڪ جي خوف کان مڪت ٿيڻ لاءِ، هن ئي حياتيءَ ۾ ارٿ ۽ پرمارٿ ٻئي سڌِ ڪرڻ گهرجن. مگر هن دنيا ۾ اهڙو ڪو وِرلو داناءُ هوندو جو انهن ٻنهي کي ضروري سمجهي، ٻنهي جي سڌيءَ لاءِ هڪ جيترو پرشارٿ ڪندو هوندو. دنياوي ماڻهن ۾ اهڙي دانائي خير ڪا ليندي. هُو پنهنجي ڪوشش سان دنيا جا سکہ تہ حاصل ڪري وٺن ٿا، پر ڪين نہ من جي شانتي نصيب آهي، نڪي آئينده جي خوف کان آجا آهن. عقلمندي تہ انهيءَ ۾ آهي جو آئينده جو سوچ ويچار ڪري، اُنهيءَ موجب ورتجي.

ٿهرائي ٿو، زمين وٺي ٿو، ٻئي ٻاري ڪي سڙاري ۽ وڌائي ٿو، استري ۽ اولاد جي سک لاءِ ويما اُڌارائي ٿو: ٿهڙي طرح موت جي خوف کي ٻه سامهون رکي، موه ۽ ممت مان پيدا ٿيندڙ دکن کان پاڻ بچائڻ جو اُدم به کيس ڪرڻ جڳائي.

## چوپائي

ٻُڌوان سوئي جن جانو- انت سمي ڪا جنين پڇانو.
پرم پيا نڪ سما وه پائي - ديهه تياگن آتي ڪنائي.
سُت دارا ڌن پانڌو ساري - انت سمي نهه مِتر پياري.
موه ممتا ڪي دکر سي جؤ ٿي- پرمانند موکش سک لوٿي.

سياڻو اُهوئي آهي جو موت جي وقت، موه ۽ ممت مان پيدا ٿيندڙ دکر کان ڇُٽڻ جو جتن ڪري. اُها گهڙي ڏاڍي ڀيانڪ ۽ دکدائڪ آهي. جو شخص اُنهي وقت جو ويچار ڪري، پنهنجي لاءِ ڪو سک جو گهاٽ نٿو گهڙي ڇڏي سو پنهنجي سنڪلپ جي دکر جو ڏاڍو ڪشٽ سهي ٿو. اُنجو سرير به ڏاڍو ڏکيو ٿو ڇٽي. جن سريرن پدارٿن ۽ سنبنڌين جي خيال ۽ چنتا ۾ رهي، هن سڄي عمر ڏاڍا جتن ڪيا، اُهي سڀ هتي

## [illegible] چند

جِمَ ڏن پراپت ڪرڻي ڪو تہ سوچ وچار ڪرو ڪل ڪا،
آر آستان بڻائي ۾ پورب آرآپر ڪا سوچ ڪرو.
باغ بغيچي کيتي باري سوچ ڪرو سڀ آ گل ڪا،
ست دارا ڪي سوچ سڀي ڪرڪي ويهي ۾ ڏن ڏرو.

## دوها

ايسي سوچ تو ڪرت هو، پر نِجُ نهين ويچار،
ڪئسا پنڊت اگيان ڪا، ڪرتا سڀي خوار.

سرير جي ڪمن ڪارين، ضرورتن ۽ تعلقن وغيره جي سک ۽ فائدي واسطي تہ هرڪو آئينده جو ويچار ڪري ٿو ۽ پنهنجي خيال کي برتاءُ ڪرڻ لاءِ وَسون نہ ٿو گهٽائي. 'مان جوان آهيان، مان تندرست آهيان، مان سپڪو وهنوار ڪري ٿو سگهان، هن وقت جو گڏ ڪيل ڏن مون کي پوءِ ڪم ايندو، تنهن ڪري گهرجيم تہ هلندڙ وقت ۾ بہ پاڙ کي سکي رکان ۽ ايندڙ وقت جو بہ ويچار ڪري هلان'. انهي خيال کي نگاه ۾ رکي، منش ڏن ڪمائي ٿو، پدارٿ ڪٺا ڪري ٿو، جڳه جوڙائي ٿو، باغ بغيچا

ڪهڙي هئن آج غزني جهان سي گذر گيا،
ڪيسا هي آدمي تا خدا مغفرت ڪري.

ڏسو! جو ماڻهو، موت جي ڏک کان بچڻ لاءِ ڪو به اُپاءُ نه ٿو وٺي، تنهنجي اجهو آهڙي ئي دُرگتي ٿئي؛ پر جو ماڻهو اڳواٽ ئي ضروري اُدم ڪري ٿو وٺي، سو انهي ڏک کان ڇوٽڪارو پائي، سائين سُکالو ٿئي ٿو. ساڳيءَ طرح جو هن سرير جي تياڳ کان پوءِ اچڻ واري اوستا جو ويچار نه ڪري، پنهنجي موکيه جو جتن نه ٿو ڪري، سو به سنسي ۽ خوف جو شڪار ٿي مري ٿو، ۽ اهڙي سند مِس دُرگتيءَ جو باعث بڻجي ٿو پوي. ڌرم شاسترن ۾ لکيل آهي:-

## دوها

سرو ڌرم شاسترن وکي - لکت پڙهت يہ تات.
انت ڪال جـو ياونا - سو جوني لــي جات.
چڻو مـوڍ آشڪت مـن - پڙهين سڀي ڏن رئـن؛
نهہ مانين پن بهہ ڪهين - ڪيا ڪجهہ ديکا نئن.

رهجي وڃن ٿا؛ ٻي ڪابہ شيءِ ساڻس نٿي هلي، نڪي ڪو ڪيس اُنهيءَ وقت جي ڏک کان ڇڏائي سگهي ٿو.

بادشاہ محمود غزنويءَ ١٨ ڀيرا هندستان تي ڪاهہ ڪئي ۽ هر دفعي بي شمار دولت لٽي ساڻ کڻي ويندو هو. نيٺ اچي بيمار ٿيو. موت کي سر تي بيٺل ڏسي، پنهنجي پدارٿن جي يادگيري ڪرڻ لڳو، ڇي ايتري اُدم سان حاصل ڪيل هي پدارٿ سڀ هتي ئي رهجي ويندا. اُنهي دم سرد آہ ڀري پنهنجي وزيرن کي گهرايائين ۽ چيائين، "افسوس! دنيا جي ڪابہ شيءِ مون سان نہ ٿي هلي سگهي! پر هاڻي ايترو تہ ڪريو جو سڀڪا قيمتي شيءِ کڻي اچي مون کي ڏيکاريو تہ مان ڪانئس وِڇڙڻ تي ڳوڙها ڳاڙيان." وزيرن ڏينهن مقرر ڪيو ۽ ڪيس اُهي پدارٿ ڏيکارڻ شروع ڪيائون. بادشاہ هڪ پياري شيءِ ڏسي پيو زار زار رُئي. روم روم تي سؤ سؤ وڇن جو ڏنگہ کائي پراڻ تياڳيائين.

# چوپائي

پڙوان سوئي جنُ جانو - ڀاوي ڀيءِ ويچار پڇانو.
جئسي تئسي ڀو شُڀ ڪرما - ڀهچانو تهه ست سورما.

سياڻو اُهوئي آهي جو ايندڙ ڀيانڪ وقت جو ويچار ڪري، اُنڪان بچڻ جي ڪوشش ڪري ۽ پاڻ تي ڇاري رهي پنهنجي سنڪلپن ۽ ڪرمن کي سڌاري. آئينده جو خوف ۽ سوچ ضروري سمجهڻ کي ٿو چئجي سچي سياڻپ ۽ انهيءَ خوف ۽ سوچ جي وسيلي، اُدم ڪري پاڻ سنوارڻ کي ٿو چئجي سچي سورمتا. اهو عقل ۽ اهو ٻل اُنهيءَ کي ئي ٿو ٿئي، جنهن کي اول ته اهو يقينو هجي ته سرير ڪڏهين نه ڪڏهين مرڻي تيا ڳڻو آهي. پوءِ اُهو شخص آئينده جي خوف ۽ دک کان بچڻ جو اُپاءُ ٻڌ ڳولي سگهي ٿو. انهيءَ خيال کان ماڻهو ڌرم پريت ۽ ڌارمڪ اُدم کي پنهنجو مددگار سمجهڻ لڳي ٿو، ۽ ڪيس پروڙ پوي ٿي ته ڌرم جو پهريون پائو آهي ست سنگ، ستگور پريت ۽ ست شاستر وچار. آها! ڌن آهي مجنون فقير، سچو سورمو، جنهن آئينده

اگرچ ماڻھو انھن ڌرم شاسترن کي چاڻي ۽ پڙھي بہ ٿو، تڏھين بہ منجھائن ڪو پرلوڪ جي سڌار جو لاڀ نہ ٿو پائي. اھي ڳالھيون ڪيس سچيون سمجھڻ ۾ نہ ٿيون اچن ۽ انھيءَ ڪري ئي مايا جي جار ۾ قائل رھي ٿو ۽ آئينده جي ڀلائي سوچي نہ ٿو سگھي. ڪي ماڻھو وري ڏاڍا سياڻا ۽ چالاڪ ٿيندا آھن ۽ اھي چون، "ڇاجو پرلوڪ! ڪو ڏسي آيو آھي، جو اسين مٿس اعتبار ڪري آئينده جو ويچار ڪريون ۽ پنھنجا ڪرم سڌاريون؟" اھو آھي پريت ۽ آشڪتيءَ جو نتيجو، جو سندن اکين اڳيان پردو بڻجي بيٺو آھي، جنھن ڪري سندن من اوديا جي مٽيءَ سان ڍڪيو پيو آھي. اھڙن چالاڪ ڏاھر مکي ماڻھنکي جيڪڏھين آئينده جو خوف ۽ ويچار نہ بہ ڪٽي ٿئي، تہ بہ پنھنجي موت جو ۽ جڳت کان وڇڙڻ جو خيال تہ ضرور ڪرڻ کپين. انھيءَ سمجھہ جي نہ ھئڻ ڪري ئي، ماڻھو سڀ دک پائي رھيا آھن.

وانگر دربار ۾ اچ ۽ گرفتارِ ٿيءُ." انهي حڪم
مطابق شرط سڀ سامان ۽ ڪپڙا وغيره اگن ۾
آهوتي ڪري، فقط لانگوٽي ٻڌي، ٻئي ڏينهن
صبح جو سويل پنجين بجي دربار ۾ اچي حاضر ٿيو ۽
سچي سورمتا ظاهر ڪيائين. ستگورن سندس
ويراڳ جي شڪتيءَ ۽ نفس ڪشيءَ کي ڏسي،
سندس منوڪامنا پورن ڪئي ۽ سندس
جنم سڦل ٿي ويو. ڏسو! اها آهي سچي سورمتا
۽ سچي سياڻپ. جو ماڻهو انهيءَ طرح ويراڳ
جي شڪتيءَ کي وڌائي ست سنگ، ستگور پريت
۽ شاستر چنتن روپ ٽن سادنن جو اڀياس ڪري
ٿو، تنهنجي ورتي ڌرم ۾ لڳي ٿي ۽ اهو ئي
پنهنجي من کي پارمڪتا ڪان چتائط جو اُدم
ڪري ٿو. اهڙو ماڻهو سرير کي مٿيا سمجهي،
سندس آيو ڳ پريت کي ڇڏي ٿو ڏئي. آيوڳ
پريت ڇڏجي ٿو سرير جي استر مجهط کي. انهيءَ
آيوڳ پريتيءَ جي ڪري ئي، ايوڳ ڪرم
ڪرط ۽ ايوڳ سنبندن ڏاهط تي رچي ٿئي ٿي ۽
ورتي پارمڪي ٿئي ٿي ۽ اصل گيان پلجيو

جي دکھ ۽ خوف کان بچڻ لاءِ ستگورن جي شرن ورتي. هڪڙي ڀيري سري ستگور ديو مهاراج سوامي هيمراج جن پرڀات جو بن ياترا ڪرڻ ويا. واٽ تي هڪڙو ٿلهو متارو، ڳاڙهو ڳٽو جوان، عطر ڦليل مکيل، پنهنجي جاءِ تي ويٺل نظر آين. آڇا سندن نظر مٿس پيئي ته اُنهيءَ عيشي جوان جا ڀاڳہ جاڳيا. ڊوڙي آچي گورن جي چرنن ۾ ڪريو ۽ وينتي ڪيائين، "مهاراج! منهنجي ڪنيا ۾ چرڻ گهمايو ۽ مون آنات جو جنم سڦل بنايو." ستگورن سندس وينتي قبول ڪئي ۽ سندس ڪنيا ۾ آيا. اندر آچي سندس راجسي سامگريءَ کي ڏسي آچرج ۾ پيا ۽ وشيءَ ڀوڳہ جي نندا ۽ ويراڳہ جي واکاڻ ۾ آچي چٽڪيا. وچن آهڙا پرڀاوير اُچاريائون جو مجنونءَ جي دل ۾ تيرن وانگر چڀي ويا. سندن چرڻن ۾ ڪري پيو ۽ وينتي ڪيائين، "هي سوامي! مان گنهگار آهيان، منهنجا پاپ معاف ڪريو ۽ مون کي نام دان ڏيو." ستگورن کيس حڪم ڏنو ته گهر ۽ اُنجو سڀ سامان ساڙي، مجنونءَ

نج سروپ ۾ استت گهو- نروڪلپتا ڪا قل لهو.
پرم شانت نرٻان سروپ - ڪيول ڪيولي ماترا روپ.

يٿارٿ گيان جي پراپت ڪرڻ جو جتن ڪندي ڪندي، جڏهين گرومک دواران ڪيس ايشور جو يٿارٿ سروپ سرو وياپي، پورڻ، نراڪار ۽ سرو شڪتيمان نشچي ٿئي ٿو، تڏهين انهن گڻن کي وچاريندي پنهنجي آتما به ڪيس ايشور روپ يقين ٿئي ٿي. جڏهين اهو آتم گيان ٿئيس ٿو تڏهين وري آتم استتيءَ جي چاهنا پيدا ٿئيس ٿي. پوءِ انهيءَ جتن ڪندي جڏهين گيان سماڌي لڳائي ٿو، تڏهين من جي ورتي ٻين سڀني منوتن کي تياڳي، فقط يٿارٿ سروپ جي ڌيان ۾ ايڪاگر ٿئي ٿي. جڏهين اهو ڌيان پڪو ٿئي ٿو تڏهين ٻيائيءَ جي ڪلپنا ۽ ڀيد ڀاونا ناس ٿي وڃي ٿي ۽ پورن سروپ نشچي ٿئي ٿو. انهيءَ پورن سروپ جي چنتن ڪري، ورتي به پورن ٿي وڃي ٿي ۽ ورتي پڻ کي تياڳي اهڙيءَ اچرج آوستا جو انڀو ڪري ٿي، جنهنجو ورڻن زبان ۽ قلم سان ٿي نٿو سگهي.

وڃي. جيڪڏهين اِها ناس ٿي وڃي ته
ته پاهرمکتا ڪان بچڻ آسان ٿي پوي. انهيءَ ڳالهه
۾ ويراڳ ڏاڍو مددگار ٿئي ٿو. خاص ڪري ڌرم جي رستي
تي ڏاڍي سهائتا ڏئي ٿو. انهيءَ ديوتا جي مدد
سان ماڻهو ڌرماتما بڻجي ٿو ۽ ڌارمڪ شڪتيءَ
کي وڌائي سگهي ٿو. جڏهين دل ۾ ڌرم جي
پريت پيدا ٿئي ٿي، تڏهين ڪيس ڌارمڪ
پرشارٿ جو شوق جاڳي ٿو. پهريون ڌارمڪ
پرشارٿ آهي گڻ ۽ اوگڻ جو وچار. انهيءَ وچار
دواران جڏهين ماڻهو پنهنجي اوگڻن کي تياڳي
ٿو، تڏهين سندس من ايشور ڀڳتيءَ جو ڪانڪي
ٿئي ٿو. پوءِ جڏهين ايشور ڀڳتي ڪندي
ڪندي سندس من شڌ ۽ ايڪاگر ٿئي ٿو، تڏهين
يٿارٿ گيان جي چاهنا منجهس پيدا ٿئي ٿي.

## چوپائي

گيان يٿارٿ پائو ڀائي - مانش جنم کو سڦل بنائي.
گورمکاد ايشور گن جانو - سرو وياپي پورن مانو.
نراڪار ايشور ڪا روپ - شڪتيمان آر پرم انوپ.
آهنگم آتما ايشور روپ - ست چت آنند سروپ.

اِهـا مَن جي ورتيءَ جي پرم پوتر اوستا آهي، جنهن ۾ مَن، آمن ٿيو وڃي. جڏهين مَن جي ورتيءَ جي اِهڙي پنل اوستا ٿئي ٿي، تڏهين گيه پيال برتن وانگر هنڊجو سرير ۽ اِندريون تمام پوتر ٿي وڃن ٿيون. اِنهيءَ ڪري سنڌس سپ ڪرم پورڻ وچار سان ملپيل ريت سان سڌ ٿين ٿا. اِنهيءَ نموني ۾ ديهه جي هوندي ٻه ڄي وديهه ڳتيءَ کي پراپت ٿئي ٿو، جا بلڪل شُڌ ۽ شانت روپ آهي. اِنهيءَ سنگاسن ٿي براجمان ٿيل گياني پرش جو پرمارٿ جو جتن سماپت ٿي وڃي ٿو ۽ اِهوئي سنڌس آئينده جو آمرت روپ توشو آهي. جو ماڻهو پنهنجي پرير ۽ پرشارٿ سان اِنهيءَ پد کي پائي ٿو، سو سچو سياڻو ۽ سچو سورمو آهي. جي پنهنجو ڀلو چاهين سي اِنهيءَ جتن جي وسيلي اهو پد پائين. اوم.